# سنڌ آرڊيننس نمبر XXXIII مجريہ 2001

# SINDH ORDINANCE NO.XXXIII OF 2001

# سنڌ شهري اسٽيٽ لينڊ (الاٽمينٽس، تبديليون ۽ مٽا سٽا رد) (ترميم) آرڊيننس، 2001

# THE SINDH URBAN STATE LAND (CANCELATION OF ALLOTMENTS, CONVERSIONS AND EXCHANGES) (AMENDMENT) ORDINANCE, 2001

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 2001 جي سنڌ آرڊيننس نمبر III جي ترميم
Amendment of Sindh Ordinance No.III of 2001

3. 2001 جي سنڌ آرڊيننس نمبر III جي دفعہ 3 جي ترميم
Amendment section 3 of Sindh Ordinance No.III of 2001

4. 2001 جي سنڌ آرڊيننس نمبر III جي دفعہ 5 جي ترميم
Amendment section 5 of Sindh Ordinance No.III of 2001

# سنڌ آرڊيننس نمبر XXXIII مجريہ 2001

# SINDH ORDINANCE NO.XXXIII OF 2001

## سنڌ شهري اسٽيٽ لينڊ (الاٽمينٽس، تبديليون ۽ مٽا سٽا رد) (ترميم) آرڊيننس، 2001

## THE SINDH URBAN STATE LAND (CANCELATION OF ALLOTMENTS, CONVERSIONS AND EXCHANGES) (AMENDMENT) ORDINANCE, 2001

[25 آڪٽوبر 2001]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ شهري اسٽيٽ لينڊ (الاٽمينٽس، تبديليون ۽ مٽا سٽا رد) آرڊيننس، 2001 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ شهري اسٽيٽ لينڊ (الاٽمينٽس، تبديليون ۽ مٽا سٽا رد) آرڊيننس، 2001 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان تحت ۽ پروويزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 تحت تحليل ٿيل آهي؛

۽ جيئن تہ گورنر مطمئن آهي تہ موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووزنل

ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر خوشيءَ سان هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ شهري اسٽيٽ لينڊ (الاٽمينٽ، تبديليون ۽ مٿا سٽا رد) (ترميم) آرڊيننس، 2001 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو ۽ ان کي 3 جنوري 2001 کان وٺي لاڳو سمجهيو ويندو.

2001 جي سنڌ آرڊيننس نمبر III جي ترميم
Amendment of Sindh Ordinance No.III of 2001

2. (1) سنڌ شهري، اسٽيٽ لينڊ (الاٽمينٽس، تبديليون ۽ مٿا سٽا رد) آرڊيننس، 2001 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ چاٽايل آرڊيننس سڏيو ويندو، ان ۾ لفظن "شهري سرڪاري زمين" جتي بہ اچن، لفظن "سرڪاري زمين" سان تبديل ڪيو ويندو.

2001 جي سنڌ آرڊيننس نمبر III جي دفعہ 3 جي ترميم
Amendment section 3 of Sindh Ordinance No.III of 2001

3. چاٽايل آرڊيننس جي دفعہ 3 ۾، لفظن "رد ٿي ويندا" لاءِ لفظن "ان سلسلي ۾ ڪيل ڏيتي ليتي رد ٿي ويندي" کي متبادل بڻايو ويندو.

2001 جي سنڌ آرڊيننس نمبر III جي دفعہ 5 جي ترميم

4. چاٽايل آرڊيننس جي دفعہ 5 ۾، لفظ "ادا ڪيل" ۽ لفظ "ڪندو" وچ ۾ لفظن "۽ سمورين ذميوارين کان آجا آهن"

| | |
|---|---|
| Amendment section 5 of Sindh Ordinance No.III of 2001 | کي شامل ڪيو ويندو. |
| | **نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي** |